# پارن لاء بائبل
تحفو



# امير ماڻهو، غريب ماڻهو

لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: M. Maillot; Lazarus
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: M. Maillot; Sarah S.

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين توں ان کي وڪرو نٿا ڪريو.

يسوع چاڻي ٿو ته ڪيترن ئي مذهبي اڳواڻن
خُدا کان وڌيڪ پئسن سان پيار ڪيو. هن ٻڌايو
ته امير ماڻهو ۽ غريب ماڻهو سان چا ٿيو، ۽
خُدا کان سواءِ دولت رکڻ بيڪار چو
آهي. دولت مند خُدا سان گڏ جنت ۾
زندگي کي خريد نه
ڪري سگهيندا.



اتي هڪڙو امير
ماڻھو ھو، جنهن وٽ
خوبصورت ڪپڙا
هئا، جن جي قيمت
تمام گهڻي هئي.
هڪ بادشاهه وانگر
ڪپڙا پائندو هو.



امير ماڻهو تمام سٺو کاڌو کائندو هو. هر ماني هڪ عظيم
دعوت وانگر هئي. هن وٽ ايترا پئسا هئا جو هو ناشتي،
ٻنپهرن، رات جي ماني يا وچ ۾ کاڌي لاءِ جيڪا به کائڻ چاهي
سو خريد ڪري سگهي ٿو.



امير ماڻهوءَ جي گهر جي دروازي وٽ هڪ غريب، بيمار، بکايل فقير ويٺو هو. هن جو نالو لعزر هو.





غريب لعزر زخمن سان پريل هو. هن
کي شايد ڪا بيماري هئي. هن کي
شايد پين کان مليل ڪٺ ۾ زخم هئا
جيڪي هن لاءِ معني رکندا آهن. ٿي
سگهي ٿو ته هن کي زخم هئا شائد
ڪي، پاچيون يا گوشت، نه
کائڻ جي ڪري هو.

لعزر کي ڪاڏي
جي خواهش
هئي. هو امير
ماڻهوءَ جي
ميز تان ڪيرل
ٽُڪر کٽي
ڪائي خوش
ٿيندو هو.



آوارا ڪتا ڪڏهن
ڪڏهن غريب
مسڪين فقيرلعزر
جي مٿي چڙهي
ويندا هئا. انهن
هن جي چوڏاري
سونگهندا هئا ۽
هن جا زخم چٽيند
هئا. اهو لڳي ٿو
ته ڪنهن کي به
پرواه ناهُئي ته
لعزر بکيو هو.



هڪ صبح،
لعزرنه جاڳيو.
غريب بکايل،
بي دوست فقير
هن زندگي کي
ڇڏي هليو ويو.
لعزر مري
چڪو هو.



لعزر لاءِ خوشي شروع ٿي جڏهن هو
مري ويو. يسوع چيو ته فرشتن هن کي
ابراهيم سان گڏ رهڻ لاء هُن وٽ کڻي ويا. لعزر
کي خُدا جي طرفان
تسلي ڏني وئي.



امير ماڻهو به مري ويو. هن جا سمورا پئسا هن
جي جان بچائي نه سگهيا. جڏهن موت آيو ته ان
کي ڪير به روڪي نه سگهيو.



امير ماڻهو کي دفن ڪيو ويو. شايد اهو هڪ وڏو جنازو هو. شايد ماڻهن امير ماڻهوءَ جي هوشيار ۽ ڪامياب ٿيڻ جي ساراهه به ڪئي. پر انهن جي ساراهه هن جي مدد نه ڪئي. امير ماڻهو دوزخ ۾ هو.



جهنم ۾، امير ماڻهو رڙ ڪئي، "ابراهيم ابراهيم، لعزر کي موڪليو ته اهو پاڻي ۾ پنهنجي آڱر جي چنبڊ چاڻ ڪري ۽ منهنجي زبان کي ٿڌو ڪري، ڇو ته مان هن باهه ۾ عذاب ۾ آهيان".



"زندگيءَ ۾ تو وٽ سڀ ڪجهه
هو ۽ لعزر وٽ ڪجهه به نه
هو،" ابراهيم امير کي ياد ڏياريو.
"هاڻي لعزر کي تسلي ڏني وئي
آهي ۽ توهان کي عذاب ۾ ڪيو
ويو آهي، ڪو به توهان جي ۽
اسان جي وچ ۾ وڏي خلاء کي
پار ڪري نٿو سگهي".





"لعزر کي موڪليو ته منهنجي پنجن
پائرن کي خبردار ڪري،" امير شخص
عرض ڪيو. "مان نه ٿو چاهيان ته اهي
به عذاب جي هن
جاء تي ختم ٿين."



"تنهنجي پائرن وٽ خُدا جو ڪلام آهي،"
ابراهيم جواب ڏنو. جيڪڏهن پنج پائر بائبل
کي نه مڃيندا، جيڪڏهن لعزر مئل مان
موٽي آيو ته به اهي
يقين نه ڪندا.



جڏهن يسوع امير ماڻهوءَ ۽ لعزر جي
ڪهاڻي ختم ڪئي، تڏهن شايد مذهبي
اڳواڻن پنهنجي پاڻ کان پڇيو هوندو،
"ڇا مون کي کي خُدا کان وڌيڪ دولت
سان پيار آهي؟" هاڻي انهن کي خبر
هئي ته جيڪڏهن اهي خُدا جي ڪلام
کي نہ مڃيندا ته
ڇا ٿيندو.



# امير ماڻھو، غريب ماڻھو

خُدا کان ھڪ ڪھاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آھي

لوقا 16

"تنھنجي ڪلام جو مطالعوسوجھرو ڏئي." زبور 119: 130

ختم

44

60

هيءَ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته ڪيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين ڪي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائي آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيوءِ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاءِ مري ويوءِ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ذيءِ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.